# ڪڙا ڪڙا

## مقصود گل

ٻاراڻي شاعري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌڙي ڪتابي سلسلي جو ڏيون ڪتاب

# ڪرڙا ڪرڙا

(ڀاراڏي شاعري)

مقصود گل

سنڌڙي ڪتابي سلسلو رتوديرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هڙئي حق اداري وٽ هٿيڪا

كتاب:- ڪرڻا ڪرڻا (ٻاراڻي شاعري)

شاعر:- مقصود "گل"

ڊائيٽل ۽ اسڪيچ:- قاضي اختر

لي آئوٽ ۽ ڪلر سيپريشن:- فتاح هاليپوٽو

ڇپائيندڙ:- سنڌڙي ڪتابي سلسلو رتوديرو

ڇپيندڙ:- غلام رسول ميمڻ

شڪارپور مادرن پرنٽنگ پريس

ڇاپو:- پهريون

ڳاڻيٽو:- هڪ هزار ڪاپيون

ملهه:- پنج رپيا

سال:- ڊسمبر ١٩٨٥ع

## ★ ملڻ جو هنڌ ★

١- مڪتبه اسحاقيه - جهونا مارڪيٽ- ڪراچي.

٢- ادبيات- تلڪ چاڙهي- حيدرآباد.

٣- مارئي ڪتاب گهر - بئراج روڊ - سکر.

٤- مادرن بڪ اسٽور جاڙل شاهه روڊ - لاڙڪاڻو.

٥- گل سينٽر - رتوديرو.

# ارپنا

سنڌ
ڌرتيءَ جي
سڌوري پٽ
پرواني سيوهاڻيءَ
جي نالي،
جيڪو ٻالجڻيءَ کان وٺي
ٻاراڻي ادب جي سينگ
سنواريندو رهي ٿو.

## اسانجا شايع ٿيل ڪتاب

(١) وکريل موتي (مضمون ۽ مقالا) ڊاڪٽر عطامحمد حامي
(٢) زندگي ڏي موٽ (ترجمو ڪهاڻيون) ڪرشن چندر
(٣) ڪرڻا ڪرڻا (ٻاراڻي شاعري) مقصود گل

## اسانجا ايندڙ ڪتاب

(١) ڏيا ٽيل ڦليل جا (رباعيون) ڊاڪٽر عطامحمد حامي
(٢) چار شاعر چار پارکو (تنقيد) مرتب مقصود گل
(٣) ڪن ڪن ۾ ڪر (شاعري) سرڪش سنڌي.

گهرائڻ لاءِ پتو-
سنڌڙي ڪتابي سلسلو رتوديرو (سنڌ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# " سٽا ءُ "


| نمبر | مضمون | صفحو |
| --- | --- | --- |
| ١ | پنهن جي پاران | ١ |
| ٢ | مهاڳ | ٣ |
| ٣ | اهڙو ڏوهي جنهن کي | ٩ |
| ۴ | حمد | ١٢ |
| ۵ | نعت | ١٣ |
| ٦ | ٻارن جي دعا | ١۴ |
| ٧ | لولي | ١۵ |
| ٨ | ماءُ جي دعا | ١٧ |
| ٩ | علم | ١٨ |
| ١٠ | قوم جي امانت | ١٩ |
| ١١ | اصول | ٢٠ |
| ١٢ | نصيحت | ٢١ |
| ١٣ | صفائي | ٢٢ |
| ١۴ | ڌرتي جا ستارا | ٢٣ |
| ١۵ | مکڙيون ۽ گل | ٢۴ |
| ١٦ | لڪان ٿو | ٢۵ |
| ١٧ | ارادو | ٢٦ |
| ١٨ | مٺڙي امڙ | ٢٧ |
| ١٩ | اجرڪ ٻانهو | ٢٨ |
| ٢٠ | ريل راند | ٣٠ |
| ٢١ | ماما چنڊ | ٣١ |
| ٢٢ | آس | ٣٢ |
| ٢٣ | برسات | ٣٣ |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| ۲۴ | ڇولن وارو | ۳۴ |
| ۲۵ | پالش وارو | ۳۵ |
| ۲۶ | هاري جو پٽ | ۳۶ |
| ۲۷ | ٻارن جو سال ۱۹۷۹ع | ۳۷ |
| ۲۸ | اٺو ٻيا جا ٻار | ۳۸ |
| ۲۹ | چنڊ چانورن جي ماني | ۴۰ |
| ۳۰ | ٻـوليو | ۴۱ |
| ۳۱ | مجبوري | ۴۲ |
| ۳۲ | آس ڇـانوَ | ۴۴ |
| ۳۳ | تمونءَ جو خواب | ۴۵ |
| ۳۴ | راڻي باغ جو سير | ۴۷ |
| ۳۵ | پٺـائـي | ۴۹ |
| ۳۶ | لاڙڪاڻي جو سير | ۵۰ |
| ۳۷ | سکـر | ۵۳ |
| ۳۸ | سيـوهـڻ | ۵۵ |
| ۳۹ | ستـــارا | ۵۸ |
| ۴۰ | محنت | ۵۹ |
| ۴۱ | پرين پري ۽ ڪاٺو ديوُ | ۶۰ |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنهنجي پاران ....

ٻار قوم جو اهڙو اهم ۽ عظيم سرمايو آهي جنهن کي ڪڏهن به نظرانداز ڪري نٿو سگهجي. اڄ جو ٻار سڀاڻ جو سرواڻ آهي، انهيءَ ڪري اسان جو قومي فرض آهي ته ٻار جي ذهن جي تعمير ۽ سهڻي سوچ لاءِ مناسب ۽ وندرائيندڙ ادبي مواد موجود ڪري ڏيون ته جيئن سنڌي ٻار کي ٻالڀڻيءَ ۾ ئي ادب جي اهميت جي خبر پوي ۽ ٻوليءَ جي محبت پيدا ٿئي.

انهيءَ گهرج کي محسوس ڪندي اسان سنڌڙي ڪتابي سلسلي پاران نوجوان شاعر مقصود گل جي ٻاراڻي شاعري پڙهندڙن آڏو پيش ڪري رهيا آهيون. اميد ٿا ڪريون ته هي ننڍڙو ڪتاب ٻاراڻي ادب ۾ مڃتا ماڻيندو.

هن کان اڳ اسان ٻه ڪتاب "وکريل موتي" ۽ "زندگيءَ ڏي موٽ" پيش ڪري چڪا آهيون ۽ اهي ٻئي ڪتاب پڙهندڙن وٽان محبت ڀري موٽ ماڻي چڪا آهن.

اسان پنهنجي پڙهندڙن ۽ ادب سان واهپو رکندڙ دوستن کي گذارش ٿا ڪريون ته هي ٻارن جي شاعري "ڪرڻا ڪرڻا" اسان جي پيار جو پورهيو آهي انهيءَ کي ٻرپٽ ۽ پريم سان پڙهي ۽ پرجهي اسان کي اسان جي اوڻاين ۽ سوڌاين کان ضرور واقف ڪن ته جيئن سندن مفيد مشورن جي روشنيءَ ۾ قدم کڻي اسان پنهن جي منزل طرف وڪ وڌائي سگهون.

آخر ۾ اسان سڀني سهڪاري سڄڻن جا ٿورا مڃيون ٿا جن اسان سان پنهن جي خلوص ۽ محبت جو ڀرپور اظهار ڪيو ۽ ٻارڙن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن سو ڪڙي ”ڪرڻا ڪرڻا“ ڪي ادب جي افق تي جڳ مڳ جرڪائڻ لاءِ اسان جي مدد ڪئي.

اميد ته سنڌي ٻارڙا هي ٻارڙا ٻول ٻنهن جي توتلي زبان سان وري وري پڙهندا ۽ سنڌڙيءَ جي ڌرتيءَ تي هي آواز ٻڌڻ ۾ ايندو.

ڌرتي ساري ساڃي ڏيندي،
سانگين ڪي سرهاڻي ڏيندي.

قاضي عبدالحي ”قائل“ سرشاري
نگران:-
سنڌڙي ڪتابي سلسلو
المظفر- رتوديرو
٨- ڊسمبر ١٩٨٥ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

ادب زندگيءَ جو ترجمان به آهي ته زندگيءَ جي تعمير ۽ تربيت ۾ به اهم ۽ بنيادي ڪردار ادا ڪري ٿو، نه فقط ايترو، پر ادب جي ذريعي قوم جي ذهن، فڪر ۽ عمل کي نئون، تعميري ۽ انقلابي موڙ ڏئي سگهجي ٿو. خاص طرح سان ٻار جي اڻ ڏنگ، اسرندڙ، پاڪ ۽ صاف ذهن کي سٺين ڏس سان لائڻ لاءِ، منجهن اخلاق جو جوهر پيدا ڪرڻ لاءِ، عمل ۽ تخليق جو جذبو جاڳائڻ لاءِ، وطن ۽ قوم جي محبت ۽ خدمت جو جذبو ۽ ولولو پيدا ڪرڻ لاءِ ادب مان بنيادي ڪارڻ سڌ ٿي سگهي ٿو. ٻار مستقبل جو معمار به آهي ته قوم ۽ ملڪ جو وارث به آهي، انهيءَ ڪري ٻار جي صحيح بنيادن تي تربيت ۽ تعليم لاءِ ان کي اهڙو صحتمند ادب ڏيڻ ضروري آهي جيڪو ان جي ڏانءَ جو هجي ۽ ان جي ذهني معيار مطابق هجي، ان سان گڏ اهڙن لفظن ۾ هجي، جيڪي ڪيس سولائيءَ سان سمجهه ۾ اچن، جنهن ۾ ان جي دلچسپيءَ جو مواد موجود هجي، جنهن ۾ دلچسپ، اثرائتي ۽ دلڪش پيرايه ۾ اخلاق جي اصلاح ۽ ذهن جي تعمير ۽ تربيت جون ڳالهيون سمجهايون ويون هجن.

اهوئي سبب آهي، جو ٻارن لاءِ ڪهاڻيون، مضمون، گيت ۽ بيت لکڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. اسان جا اديب ۽ شاعر هن طرف تمام گهٽ ڌيان ڏين ٿا، انهيءَ ڪري اسان جي ٻارن کي ٻين ٻولين ۾ ٻاراڻو ادب پڙهڻو پوي ٿو. اسان جيڪڏهن چاهيون ٿا، ته اسان جي ٻارن جي سهڻي نموني ۾ تربيت ٿئي، ۽ پنهنجي ٻولي ۽ ادب جو تحفظ ٿئي ته ٻارن لاءِ لکون، ته جيئن هنن ۾ پنهن جي زبان ۽ ادب جي محبت ٿئي ۽ منجهن ادبي ذوق ۽ لکڻ جو شوق پيدا ٿئي.

جيڪڏهن اسان پنهنجي ٻاراڻي ادب جو جائزو وٺنداسون، ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان کي تمام ٿورو ذخيرو نظر ايندو. شمس العلماء مرزا قليچ بيگ مرحوم تمام سٺي نموني ٻاراڻي ادب جي شروعات ڪئي هئي، پر اهو سلسلو اهڙي نموني سالم ۽ سوڌو نہ رهيو، وري بہ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو موجوده دور ۾ ڪجهہ نوجوان شاعر ٻارن لاءِ گيت ۽ بيت لکي رهيا آهن. منهنجي پياري قاضي مقصود ”گل“ بہ هن طرف وک وڌائي آهي، ۽ سهڻو، سيبائتو ۽ ساڃاهہ ڀريو گيتن جو مجموعو پيش ڪري رهيو آهي.

عزيزي مقصود گل، ٻـارن لاءِ گيت ۽ نظم لکندي ٻارن جـي ذهني معيار ۽ رجحان جو پورو خيال رکيو آهي. لفظ بہ اهڙا استعمال ڪيا اٿس، جيڪي ٻارن لاءِ اوپـرا، اجنبي ۽ ڏکيا نہ آهن، پـر ڪين سولائيءَ سان سمجهہ ۾ اچي سگهن ٿا. ان کان سواءِ مضمون بہ اهڙا کنيا اٿس، جيڪي ٻارن جي ڏانءَ جا آهن، ۽ انهن ۾ سندن دلچسپيءَ جو سامان موجود آهي. رواني، اثر انگيزي ۽ دلچسپي ۽ دلنشيني جو بہ خاص خيال رکيو اٿس. انهيءَ لحاظ کان اميد رکي سگهجي ٿي تہ هي نظم ۽ گيت ٻار شوق ۽ ذوق سان پڙهندا ۽ وري وري ورجائيندا. وڏي ڳـالهہ هيءَ آهي تہ شاعر جـي آڏو ٻارن جي ذهني، فڪري، مذهبي ۽ اخلاقي تعليم ۽ تربيت جو نيڪ مقصد سامهون آهي، ۽ هن اهـي ڳالهيون سهڻي، سلوڻي ۽ پر اثر نموني ٻارن کـي ذهن نشين ڪرائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. سندس انداز۔ بيان اهڙو آهي جو اخلاق ۽ اصلاح جون ڳالهيون ٻارن جي ذهن تي بوجهہ نہ ٿينديون.

اها هڪ مڃيل حقيقت آهي تہ اخلاقي قدرن کان سواءِ صالح ۽ صحتمند معاشرو وجود ۾ اچي نٿو سگهي، ۽ نہ قوم ڪو صحيح عملي رخ اختيار ڪري سگهي ٿي. خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو مقصود گل جي هنن ٻاراڻن نظمن ۾ اها حقيقت نمايان نظر اچي ٿي. هن پنهن جو مقصد پيش ڪرڻ وقت ۽ ٻارن کي اخلاق ۽ اصلاح جو سبق سيکارڻ وقت اسلامي تعليم جو خيال رکيو آهي. مجموعي جي شروعات ڪي حمد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسي. ان سان گڏ اها دعا به ڪري ٿي، ته الله تعاليٰ تنهنجو حامي ٿيندو.

الله تنهن جو حامي آ نونهال ٻچڙا،
جڳ جڳ جيئن سدائي لاڪيڻا لعل ٻچڙا،
دردن ڀرين دلين تي تون مهربان ٿيندين.

ٻاراڻي شاعريءَ لاءِ گيت ۽ نظم ڏن قسمن جا ٿيندا آهن. هڪڙا اهي جن ۾ شاعر پاڻ يا ٻارن جي والدين جي زباني ٻارن کي هدايت ۽ نصيحت ڪندو آهي، ٻيا اهي جن ۾ شاعر ٻارن کي وندرائڻ لاءِ ۽ ڪي حقيقتون ذهن نشين ڪرائڻ لاءِ قدرت جي نظارن جي منظرنگاري ڪندو آهي، ۽ ٽيان اهي جن ۾ شاعر ٻارن جي زباني ٻارن جا جذبات، احساسات ۽ امنگون بيان ڪندو آهي. هن مجموعي ۾ ٽنهي قسمن جا نظم ملن ٿا. هو ٻارن کي نصيحت ڪندي محنت ڪرڻ جو سبق سيکاري ٿو.

ويهي نه وقت پنهنجو سستي ڪري وڃائج،
محنت ڪري سدائي، هٿ پير پيو هلائج.

ٻارن کي سندن اهميت جو احساس ڏياريندي چوي ٿو.

اوهين گل چمن جا ۽ سرهاڻ آهيو،
اوهين وقت ايندڙ جا اڳواڻ آهيو.

ٻارن کي نصيحت ڪرڻ جي سلسلي ۾ جيڪي عنوان کنيا اٿس، اهي سندس مقصديت جي نشاندهي ڪن ٿا، مثلاً اصول، نصيحت، صفائي، ڌرتي جا ستارا، لڪان ٿو، اجرڪ پايو وغيره . هو انهن عنوانن ۾ ٻارن کي وطن جي محبت، ثقافت جي ساڃاه، محنت، محبت، همت، انسانيت جي خدمت، هيڻن جي همراهي، ۽ ڏاڍن سان مهاڏو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيڻ جو سبق سيکاري ٿو. هو پنهنجي پر ۾ ڏاڍو پر اميد نظر اچي ٿو:

اڙڏا ايـــري اڳتـــي ايندا،
ظلم ستم جـــي پــاڙ پٽيندا.

علم هنر سان دلـڙي لائـــي،
عقل جي اعليٰ جوت جلائي،
همت جـــو هٿيار ڪٺي شل،
پوڻ ۾ چـــڏن بستان بنائي.

ننڍڙن معصومن کي جڏهن هـو ڪم ڪندي يا پالش ڪندي ڏسي ٿو ته سندس دل تڙ پي اٿي ٿـي. سندس نظم ”پالش وارو“ ۾ اوهان کي اسان جي معاشري جي حقيقي تصوير نظر ايندي. پالش وارو جي هنن لفظ ۾ ڪيڏو نه درد آهي.

پالش وارو آهيان ڪا ڪا! پالش وارو آهيان،
ننڍڙن هٿڙن سان ٿو ويٺو بوٽ وڏا چمڪايان.

ٻارن کي پنهن جي وطن جي محبت ۽ ان جي خدمت جو احساس ڏيارڻ لاءِ سندن واتان چوارائي ٿو :

سنڌڙي تـــي سر گهوريندا سي،
ڏاڍا ڏونگر ڏونگـــر ڏوريندا سي.

ماءُ جي محبت جو سبق سيکارڻ لاءِ ٻار جي زباني چوارائي ٿو:

منهنجـــي دل ۾ تنهنجـــي الفت،
تنهنجي پيـــرن هيٺـــان جنت.

ٻـارن جـــي دلچسپيءَ لاءِ ڪن نظمن ۾ ”گل“ ڏاڍي سهڻـــي منظر نگاري پيش ڪئي آهي. ان کان سواءِ ڪن نظمن ۾ ٻارن کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي وطن جي شهرن جو سير ڪرايو اٿس، ۽ انهن شهرن جا سهڻا نظارا بيان ڪيا اٿس. اهڙن نظمن ۾ رواني به آهي ته دلڪشي به آهي. اميد آهي ته اهي نظم ٻار ڏاڍي شوق ۽ ذوق سان پڙهندا، ڪن نظمن ۾ ننڍڙن ٻارن جي وندر ۽ وروندي جو سامان به موجود آهي، جهڙوڪ ريل راند، ماما چنڊ، وغيره. مطلب ته هي مجموعو مقصديت، جامعيت ۽ تاثر جي لحاظ کان ٻاراڻي شاعريءَ ۾ منفرد حيثيت رکي ٿو. عزيزي مقصود "گل" جي هن سهڻي پيشڪش تي آءٌ کيس مبارڪ باد ڏيان ٿو. دعا آهي ته الله تعاليٰ ڪتاب کي ٻارن ۾ مقبول بڻائي.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي
لاڙڪاڻو - سنڌ
١٢- نومبر، ١٩٨٥ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اھڙو ڏوھي، جنھن کي ........!

قومي وجود کي برقرار رکڻ لاءِ ٻاراڻو ادب (نظم - نثر) لکڻ، ھرھڪ ليکڪ تي قومي فرض آھي. نئون نسل جيڪو اڳتي ھلي قومي قدرن جو رکوال ۽ قومي ورثي جو وارث بڻجي ٿو، تنھن کي بنا ھٻڪ جي منزل تي پھچائڻ لاءِ سنئون رستو ڏيکارڻ ضروري آھي. ٻار صحيح طرح سان سوچن ۽ پنھنجا فرض سڃاڻي انھن جي پوراءُ لاءِ اڳتي وڌن. ان لاءِ ضروري آھي ته اھڙو ادب تخليق ڪجي جنھن سان نون ذھنن جي ترقي پسندانه سوچ سان تعمير ٿي سگھي. کين پنھنجي قومي ۽ سماجي ذميوارين جو احساس ٿئي ۽ پاڻ کي سماج جي سڌاري لاءِ ٻڌل سمجھن.

اھو ادب جنھن سان ايندڙ نسل جي، ذھنن تي، قومي ثقافت، ۽ قومي ايڪي جو ڀرپور انداز ۾ اثر ويھي. جنھن سان ھمدردي، پيار، محبت ۽ ڀائپي جا جذبا سگھارا ٿين. جنھن سان ٻار سچ ڳالھائڻ ۽ سچ ٻڌڻ کان نه لنوائين. منجھن ڪوڙ ۽ سچ کي سڃاڻڻ جي قوت پيدا ٿئي، ٻين جا حق ادا ڪرڻ ۽ پنھنجا حق حاصل ڪرڻ سگھن.

ھڪ عظيم قوم جي حيثيت سان منجھن تعليم ۽ تربيت جي حاصل ڪرڻ لاءِ بي انتھا جذبو پيدا ٿئي ۽ انھي ڏگ ۾ پوريءَ رفتار سان لاڳيتي سفر ڪرڻ لاءِ سندرو ٻڌي اٿن.

ھن وقت جو ليکڪ، پنھنجي قومي بقا لاءِ پنھنجي نئين نسل جي ضرورت کان اکيون ٻوٽي نه ٿو سگھي. ھو چاھي ٿو ته پاڻ پنھنجي نئين نسل جي رھبري لاءِ ٻڌل آھي. ٻيءَ صورت ۾ کيس قومي ۽ اخلاقي فرض ادائگي نه ڪرڻ جو ڏوھي ٺھرايو ويندو. اھڙو ڏوھي جنھن کي ڪيترين پيڙھيون معاف نه ڪنديون ۽ صدين تائين نئين

نسل جي ڪورٽ ۾ جوابدار بنجي ويندو ۽ اهڙو جوابدار، جنهن جي وڪالت ڪرڻ لاءِ ڪوبه تيار نه هوندو. اهوئي سبب آهي جو اڄ جو هرهڪ ليکڪ پنهنجي وت ۽ وس آهر، پنهنجي قومي وجود ۽ تشخص کي قائم رکڻ لاءِ هٿ پير پيو هڻي.

سنڌي ادب جي لحاظ کان ٻارن کي سنڌن سوچن جي وڌائڻ ۽ انهن کي پڪي پختي تيڻ لاءِ اهڙو ادب (نظم - نثر) مهيا ڪرڻو آهي. جيڪو کين سولائي سان سمجهه ۾ اچي سگهي ۽ سنڌن دلين تي چٽو ۽ جٽاءُ ڪندڙ اثر ڇڏي.

شاعري، ٻارن جي خيالن ۽ جذبن کي مناسب پاسي ڏانهن موڙڻ لاءِ وڏ ۾ وڏ ڪارائتو طريقو آهي. ڏٺو ويو آهي ته ٻار، نثر جي ڀيٽ ۾ نظم کي وڌيڪ پسند ڪندو آهي. اهوئي سبب آهي جو هو نظم يا بيت کي ٻر زبان ياد ڪري ڇڏيندو آهي.

ٻارن لاءِ شاعري ڪرڻ سولي ڳالهه ناهي. شاعر کي ٻاراڻي سوچ تائين هيٺ لهي اچڻو پوي ٿو. ٻين لفظن ۾ ته شاعر پاڻ کي ٻاراڻي اوستا ۾ آڻي لکي ٿو ۽ اهڙي شاعري ئي ٻارن لاءِ ڪارگر ثابت ٿي سگهي ٿي. انهيءَ ڏس ۾ ڪيترن ئي جوان ذهن رکندڙ ترقي پسند شاعرن پاڻ پتوڙيو آهي. جن ۾ استاد بخاري اياز گل ادل سومرو مختيار مگڻهار نصير مرزا ۽ ذوالفقار سيال جا نالا اچي وڃن ٿا.

سنڌ، سنڌي قوم ۽ سنڌي ٻوليءَ جي هڏ ڏوکي، مقصود ”گل“ به هڪ شاعر جي حيثيت سان پنهنجي فرض کي محسوس ڪندي ٻارن لاءِ لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اها پرک پڙهندڙن تي ڇڏيل آهي ته هي ليکڪ پنهنجي سوچ جي قد بت کي، پنهنجي قد بت جي ڀيٽ ۾ ڪيترو ننڍو بڻائي سگهيو آهي ۽ ٻارن جي لاءِ ڪيترو مناسب لکي سگهيو آهي.

البت ايترو چوڻ کان مون کي ڪوئي به نه روڪي ته هن ٻاراڻي شاعري جي ڪتاب ۾ ڪيترا اهڙا عنوان به اچي ويا آهن، جن تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ڪان اڳ نہ لکيو ويو آهي. انهيءَ ڪوٺ کي پورو ڪرڻ تي هن
ساڳـي ڪيرون ضرور لهڻيون، پـوءِ گهڻيون نہ تہ ٿوريون ڏسـي صحي.
لطيف سائين جي انهيءَ بيت جيئن تہ :-

تـــري ڦاٽـــي ڪينگري ٿلها ڦيـــرا ڏي،
نہ آٽـي نـہ ني، تہ بہ سلهاڙي وتـي سڄڻين.

”سرڪش سنڌي“
لاڙڪاڻو- ٤-١١-١٩٨٥ع

# ” حمد “

دنيا سڄي جو مالڪ الله پاڪ آهي،
ان لاشريڪ جو ٻيو ڪوئي شريڪ ناهي.

قدرتي فلڪ ستارا سج چنڊ جنهن بنايا،
سبزي، اناج، ميوا، هن ڌوڙ مان اپايا.

هر چيز آهه پيارو! الله جي حوالي،
هر ڪنهن کي رزق ڏي ٿو سائين سدا سنڀالي.

قدرت سان پاڪ پرور انسان کي اپايو،
علم ۽ عقل سان ان کي آ زيور بنايو.

انسان کي عطا ڪئي عظمت خدا وڏي آ،
قرآن ۾ به ان جي تعريف رب ڪئي آ.

انسان آهه اعليٰ جي پاڻ کي سڃاڻي،
محنت ڪري ٿو پنهنجي قبضي ۾ چنڊ آڻي.

قدرت سان ڪارخانو پيارو! سڄو هلي ٿو،
الله جي فضل سان چرخو سڄو چلي ٿو.

وينا پکي چمن ۾ مالڪ جو حمد ڳائن،
باغن ۾ ”گل“ هميشه سرهاڻ ٿا ورهائن.

*

# " نعت "

سچ جي راهه پڌائڻ وارو،
هيڻن کي همٿائڻ وارو.

آيو اونداهي دنيا ۾،
حق جي جوت جلائڻ وارو.

مسڪينن سان الفت جنهن جي،
سڀ کي سيني لائڻ وارو.

مجبورن ۽ مظلومن کي،
پيار ڏئي پرچائڻ وارو.

انسانن کي عظمت بخشي،
اوج مٿي پهچائڻ وارو.

ذات، قبيلي، رنگ، نسل جا،
سارا فرق مٽائڻ وارو.

حامي، هادي، مير محمد صہ،
مولا ساڻ ملائڻ وارو.

محشر ۾ "گل" شافع ٿيندو،
امت کي بخشائڻ وارو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# " ٻارن جي دعا "

ننڍڙن هٿن سان مالڪ تو کان دعا ٿا گهرون،
حاصل ٿي هاج ساڳي جيڪا اسين گهرون ٿا.

تعليم سان اسان کي سينگار پاڪ مولا،
رستو سڌو اسان کي ڏيکار پاڪ مولا،
دل جي حضور سان هي اڄ التجا ڪيون ٿا.

اخلاق جو اسان کي ميوو چکاءِ سائين،
نيڪي ملي جنهين سان سو ڏيکُ ٻـڌاءِ سائين،
اهڙي اميد پنهنجي دل ۾ اسين رکون ٿا.

ڪلفت ۽ ڪوڙ سارو دل مان ڪيون ڌڪاري،
الفت رکي اندر ۾ سينا ڇڏيون سنواري،
توفيق ڏي عمل جي جيڪو اسين چئون ٿا.

جيجل امڙ سان الفت ڌرتيءَ سان پيار ڪريون،
سهڻي زمين سنڌ تان جانيون نثار ڪريون،
ڏي ديس جي محبت جنهن ۾ اسين رهون ٿا.

دشمن ۽ دوست جو هن دل ۾ ڌيان ڌاريون،
همت ڪري ڏکن جو ڏونگر سگهو اڏايون،
تنهن جي ڪرم ڏي هردم مولا، اسين ڏسون ٿا.

رت سان ريج ڏيئي ڌرتيءَ تي باغ ٺاهيون،
اميد جي چمن ۾ "گل" پيار جا لڳايون،
ان آس جي سهاري جڳ ۾ اسين جيون ٿا.

# لـــولـــي

لولي لولي لولي ٻچڙا ! لولي لولي لولي پٽ !!
جيجل تنهنجي گولي ٻچڙا !! لولي لولي لولي پٽ !!

لعل لـڏي تون لائق ٿيندين،
ڏکيارن جا درد ڪٽيندين،
ماءُ مٺيءَ سان تنهنجو ناتو،
جيجل کان تون منهن نه مٽيندين،
اوکي ويل نه ايندي توتي.
سائين ڪندو شل سولي ٻچڙا ! لولي لولي لولي پٽ !!

ڪونڌر شال ڪلهن تي تنهنجي،
سهڻي اجرڪ جرڪي پيئي،
هڪ جيڏن سان خوش ٿي کيڏين،
ماءُ سدائين مرڪي پيئي،
سنرو رهه تون سال صدين شل،
ڪين ڏسين تون اولي ٻچڙا! لولي لولي لولي پٽ !!

سنڌڙيءَ جو تون وارث آهين،
ديس مٺي جو آهين دودو،
پنهنجن جي لئي پيار جي برکا،
ڏارين جي لئه ٻرندڙ شعلو،
تون آن سنڌ جو ڏولو ڏولڻ،
سنڌ سنڌو آ ڏولي ٻچڙا ! لولي لولي لولي پٽ !!

هن ڌرتيءَ جي توسان عظمت،
عظمت تنهنجي ڌرتي آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون ڏرنيءَ کي پر تو آهين،
ڏرتي توکي پرتي آهي،
مشڪل ۾ تون ڏرتيءَ خاطر.
رت سان ڪيڏج هولي ٻچڙا! لولي لولي لولي ٻٽ !!

جيڪو ويري هن ڏرتي تي،
ديد وجهي ڪا ميري سيري،
ڏوڙ ڏري تون دودا تنهن کي،
منهن ۾ وجهجان ڪاري ڪوري،
هوشؤ وانگر هوڪا ڏيشي،
ڪيديءَ کي هڻ گولي ٻچڙا! لولي لولي لولي پٽ !!

ظلم جو راوڻ امن جي سيتا،
سورن سان ستائي جڏهين،
رات وري ڪا ڏائڻ بڻجي،
ڏينهن سڄو ڳڙڪائي جڏهين،
اونداهيءَ جي اردا تڏهين.
ڦهاڙيون ڪر چولي ٻچڙا! لولي لولي لولي پٽ !!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# " ماءُ جي دعا "

اڄ ٻار آنھه ٻچڙا ! آخـــر جوان ٿيندين،
ھن قوم ۽ وطن جو تون پاسبان ٿيندين.

وڏڙو ٿـــي لعل منھنجا دودو ٽجـــان دلارا،
ڏاڍن سان جنگ جوٽـــي ھيڻن کي ڏج سھارا،
الله جـــي فضل سان تون ڪامران ٿيندين.

تعليم جي شمع سان گھر گھر ڪجانءِ روشن،
اخلاق جـــي گلن سان سينگارجانءِ گلشن،
دنيا ۾ ديس دلبر جـــو مان شان ٿينديـــن.

الله تنھنجو حـــامي آ نـــونھـــال ٻچـــڙا،
جڳ جڳ جيڻن سدائـــي لاکيڻا لعل ٻچڙا،
دردن ڀرين دلين تـــي تـون مھربان ٿيندين.

گلزار ٿيندو گلشن تنھنجي ئي ڪوشش سان،
"گل" ٿي وڏاءِ خوشبو الفت رکي چمن سان،
منھنجي دعـــا اٿئي شل ماڻھو مھان ٿيندين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# "علم"

علم سان ڪريو پيار او ٻارو !
علم سان ڪريو پيار.

علم جي خاطر محنت ڪريو،
علم جي حاصل دولت ڪريو،
سينگاريو سنسار – او ٻارو! علم سان ڪريو پيار.

علم سين جو مان وڌائي،
علم صحيح انسان بڻائي،
علم ڪري بيدار – او ٻارو! علم سان ڪريو پيار.

علم جا زيور پايو سائي،
پنهنجو پاڻ سجايو سائي،
علم سچو سينگار – او ٻارو! علم سان ڪريو پيار.

جهل جي رات ڪٽائڻ جي لئه،
علم جي جوت جلائڻ جي لئه،
ترت ٿيو سڀ تيار – او ٻارو! علم سان ڪريو پيار.

علم جا "گل" گلشن ۾ ٻوڪيو،
خوشبوئن سان ڌرتي موڪيو،
ديس ڪيو گلزار – او ٻارو! علم سان ڪريو پيار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ”قوم جي امانت“

تون قوم جــي امانت اي نونهال ٻچڙا،
هردم رهي ٿو مون کي تنهنجو خيال ٻچڙا.

ڪوسو لڳي نـــ توکي مٺڙا هوا جو جهوٽو،
محنت ڪري اي پيارا تون ٻار پنهنجو پوٽو.

تعليم ساڻ الفت هـر وقت رک پـيـارا،
ايندڙ زمان ۾ جيئن ڏئين قوم کـــي سهارا.

هن قوم جـــي بقا جو توتي مدار آهـــي،
تون آ چمن جـــي رونق توسان بهار آهي.

علم ۽ هنر پرائـــي تون باوقار ٿي وڃ،
گلزار کـــي بخش رونق تن جي بهار ٿي وڃ.

سستي نہ ڪر مٺا تون هوشيار ٿـــي پيارا،
جيڪي سبق ملن سي پڙهہ پيار سان خـــدارا.

اخلاق سک سٺا ۽ ”گل“ جي مثال ٿي وڃ،
خوشبوءِ ڏي سڀن کي ۽ خوش خصال ٿي وڃ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# " اصـــول "

انسانيت سکي تـــون انسان تـــي پيارا،
انسان ساڻ الفت پنهن جو اصول ڪرتون.

هيٺن ڪـــي ڏيج هتڙا، اڌار تي انهن جـو،
اڳواڻ پنهن جو پيارا، پيارو رسول ڪرتون.

توکي اگـر ملي ڪا تڪليف راه حق ۾،
انعام ان کي سمجهي جلدي قبول ڪر تون.

همت سان حق ڪسي وٺ، خيرات گهرنه ڪنهن کان،
پنهن جو حصو ٻين کـان زوري وصول ڪرتون.

محنت ڪري مٿاهين تعليم پـــڙهه ضروري،
وبهي نه وقت پنهن جـــو پتڙا فضول ڪرتون.

مرڪي ورهاه "گـ ل"جان خوشبوء هيڏي هوڏي،
هڪڙي گهڙي نه پنهن جو منهڙو ملول ڪرتون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# " نصيحت "

ٻڌ ٻار هيءَ نصيحت دل سان ڌيان ڏيئي،
ڪم ڪر اهو جنهين مان نيڪي سدا مائيي.

ويهي نہ وقت ﭘنهنجو سستي ڪري وڃائج،
محنت ڪري سدائي، هٿ پير پيو هلائج.

هي وقت وير آهي ڪنهن لاءِ ڪين رڪبو،
ان سان ڳڏ هلڻ لئہ ساجهر سويل هلبو.

سستي ڪندڙ ڪسي آخر پڇتائڻو پوي ٿو،
ڌوڪو وڏو انهيءَ کي بس ڪائڻو پوي ٿو.

سوچي سنڀال ساجهر محنت سان پيار ڪرتون،
ڪر پاڻ ۾ سڄاڳي ٻين کي بہ تيار ڪرتون.

ڪر ياد سڀ سبق ۽ ڪوڙا بہ ياد ڪرتون،
پڙهہ بيت گيت پيارا ۽ دل کي شاد ڪرتون.

محنت ڪري جي ڏيندين تون امتحان پيارا،
ٿيندين تڏهن خوشيءَ سان تون ڪامران پيارا.

ڪر قدر وقت جو ۽ محنت کي ڪرتون پنهنجو،
سڀ سان رک محبت وڌندو وقار تنهنجو.

دل سان هنداءِ پيارا "گل" جي اها نصيحت،
جنهن ۾ لڪل اٿيئي پيارا سچي حقيقت.

## ”صفائي“

عجب چيز آهي بدن جي صفائي،
انهيءَ ۾ نہ سستي ڪجي ڪا اجائي.

صحت لاءِ هر روز وهنجڻ ضروري،
ڏندن جي صفائي رکو ٻار پوري،
صحت جهڙي دنيا ۾ ٻي شي نہ ڪائي.

هٿي تيل وارن کي چلڪو وڌايو،
ڦٽي ڏيئي سهڻو انهن کي بنايو،
عجب سونهن وارن اوهان جي وڌائي.

اکين جي صفائيءَ تي ڏيڻ ڌيان گهرجي،
نظر کي ٻہ سرمي جو سامان گهرجي،
نظارن جي خاطر نظر جي چٽائي.

ڪري خوب ورزش بدن کي ٻڌايو،
وطن جا مجاهد سپاهي سڏايو،
نصيحت رکو ياد هردم اهائي.

ڪري خوب محنت سنواريو وطن کي،
ڏيو ”گل“ جان خوشبوءِ ساري چمن کي،
وطن جي وڏائي، اسان جي وڏائي.

# " ڌرتيءَ جا ستارا "

اوھين ٻار ڌرتيءَ جا آھيو ستارا،
پسايو زمين تي نوان ڪي نظارا.

محبت سان دنيا ۾ گذجي گذاريو،
ڪڍي دل مان ڪلفت اندر کي اجاريو،
ونڊيو پيار الفت سدائي پيارا.

غريبن يتيمن جا غمخوار بڻجي،
ڏکوين جا ڏک ۾ سچا يار بڻجي،
ڏيو بي سھارن کي سک مان سھارا.

مصيبت جي مارين جي امداد ڪريو،
پيا پيار جا دل دکايل تي ڌريو،
وسائي ڇڏيو سڀ ستم جا شرارا.

پڙھي علم جڳ ۾ ڪيو روشنائي،
جھالت جي اونده وڃي مات کائي،
پڙھڻ کان ڪڏھن ڪين ڪريو ڪنارا.

اوھين "گل" چمن جا ۽ سرھاڻ آھيو،
اوھين وقت ايندڙ جا اڳواڻ آھيو،
ڪيئن قسمتن کي اوھان جا اشارا.

# "مکڙين ۾ گل"

گلڙن ساڻ چمن جي زينت،
ننڍڙا ٻار وطن جي زينت۔

ننڍڙا جڏهين وڏڙا ٿيندا،
واس گلن جان سڀ کي ڏيندا،

علم پڙائي سمجهه وڌائي،
زيور خلق سنداسي پائي۔

ملڪ سندا معمار سي ٿيندا،
هرهڪ دل جو نار سي ٿيندا،

هيڻن کي سي هٿڙا ڏيندا،
دک وارن جا درد ڪٽيندا۔

ڏاڍن لئه ڌڪاءُ ٿي پوندا،
ظلم جي دل ۾ گهاءُ ٿي پوندا،

اوچو ڪاٽ مروڙڻ جي لئه،
ڏاڍ ڏمر کي ٽوڙڻ جي لئه۔

ارڏا ايري اڳتي ايندا،
ظلم ستم جي پاڙ پٽيندا،

ٻهڪي شال گلن ڦلواري،
پوندء سدوري مهڪي ساري۔

مکڙين مان ٿي "گل" ٿي پوندا،
سرهاڻن جا هل ٿي پوندا۔

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ”لکان ڏو“

ننڍڙن ٻارن کاڻ لکان ڏو،
ديس دلارن کاڻ لکان ڏو.

ننڍڙا سر جي وڏڙا ٿيندا،
دکيارن جا درد کٽيندا،
سيٽ نہ سهندا سرمائي جي،
هيڻن کي سي هٿڙا ڏيندا،

پنهنجن پيارن کاڻ لکان ڏو،
ننڍڙن ٻارن کاڻ لکان ڏو.

علم هنر سان دلڙي لائي،
عقل جي اعليٰ جوت جلائي،
همت جو هٿيار کڻي شل،
ٻون چڏن بستان بنائي،

چنڊ ستارن کاڻ لکان ڏو،
ننڍڙن ٻارن کاڻ لکان ڏو.

سنهڙا سهڻا ماڻڪ موتي،
جڳ ۾ جوت انهن آ اوتي،
نازڪ نازڪ ”گل“ کڻي مون،
تن جي لڙ آ مالها پوتي،

نيڻن ٺارن کاڻ لکان ڏو،
ننڍڙن ٻارن کاڻ لکان ڏو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# "ارادو"

سنڌڙي تـــي سر گھوريندا سين،
ڏاڍا ڏونگر ڏوريندا سين.

جيجل جي لءِ پيجل ٻڄي،
چنگ وري کو چوريندا سين.

سون مٿي ڪيئن سيڻ مٽايون،
تند نہ تن سان توڙيندا سين.

جيڪو نفرت ناد وڄائي،
بت انهيءَ کي ٻوريندا سين.

الفت جو آواز اُٿاري،
سڪ جو سڳڙو سوريندا سين.

سانگيئڙن جا سور مٽائي،
حال اندر جو اوريندا سين.

گلشن سان جو "گل" ھٿيندو،
جيءُ انهيءَ جو جهوريندا سين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# " مٺڙي امڙ "

منهنجي مٺڙي ماءُ پياري،
توتان هردم وينديس واري.

ڪير ڏئي تو مون کي پاليو،
ساهه برابر آهه سنڀاليو.

منهنجي ننڊ ڦٽي جي پياري،
تو پئي جاڳي رات گذاري.

منهنجي لئه تو ننڊ ڦٽائي،
برڪا شفقت جي برسائي.

تنهنجا ٿورا ڪهڙا لاهيان،
جيجل وينو ڳڻ تو ڳايان.

تنهن جون پياريون پياريون ٻوليون،
مور نه وسرن مٺڙيون لوليون.

تنهنجي ٻوليءَ تي سر ڏينديس،
تنهنجي لولي تي سر ڏينديس.

منهنجي دل ۾ تنهنجي الفت،
تنهنجي پيرن هيٺان جنت.

تنهنجا پير چمڻ لئه ماتا،
منهن جا چپ رهن ٿا آتا.

توسان قرب وڌيندو رهندس،
"گل" جان خوشبوءِ ڏيندو رهندس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# " اجرڪ پايو "

اجـــرڪ آهي شان اسان جـو،
عـــزت عظمت مان اسان جـو.

اجرڪ جـي پڳ پياري پياري،
پـائـن پـيـارا هـاري نـاري.

پنهنجي ڪلهڙن تـي لٽڪائي،
ڳيـرو ڳـاڙها اجـرڪ پـائي.

ڏاڍن ڪـي ڏهڪائـــڻ خاطـر،
ظالم جـــي دل ڳهائڻ خـــاطر.

سهڻـــا تـائي شيـر اچـن ٿـا،
سانجهي مـرد مٽير اچـن ٿـا.

اجرڪ پـــائي سڀ سانگيائيون،
مرڪن ويٺيون ديس ڏيـــائيون.

سهڻـــا اجـــرڪ هالـــن وارا،
رنگ بـــرنگـــي سهڻـــا سارا.

اڇي تهه تـــي ڳاڙهيون ڦلڙيون،
مهڪن ٽيون جڻ سهڻيون مکڙيون.

اڇـــا ٽڪا واه وڻـــن ٿـــا،
جڻ تـــه ستارا چيچ وجهن ٿـــا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اجرڪ ڀايون مان وڌايون،
پنهنجي شيءِ جو شان وڌايون.

مرڪڻ ۽ مرڪائڻ وارا،
مکڙيون "گل" ورهائڻ وارا.

ٻارو گڏجي نغمو ڳايو،
" اجرڪ پايو، اجرڪ پايو "

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ”ريل راند“

ٽمون، ڪمون، گلو گوهر،
مانڪ، موتي، جانو، جعفر.

علو احمد، دلبر ڏولڻ،
ٻار سڀئي آيا کيڏڻ.

راجو، رحمون، رمزو آيو،
حامد حيدر حمزو آيو.

سڀني گڏجي راند رچائي،
رنگ برنگي ريل بنائي.

راجو ريل هلائڻ وارو،
موتي ڪوڪ لڳائڻ وارو.

ڇڪ ڇڪ ڇڪ ڇڪ ريل اچي وئي،
لهڻ چڙهڻ جي ويل اچي وئي.

ٽمون لال جهنڊي ڦڙڪائي،
راجوءَ جلدي ريل جهلائي.

آئي جڏهن ساوي جهنڊي،
ريل هلي پو ”ڪوڪو“ ڪندي.

پوئين ٽيشن آئي آهي،
راجوءَ ريل جهلائي آهي.

هرڪو لهندو ٻالڪ هاڻي،
راند وري ٻي کيڏبي سڀاڻي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# "ماما چنڊ"

چنڊ سدائــــي چمڪي چمڪي روشن راهه بنائي ٿـــو،
چانڊوڪيءَ جي چاندي هاري ڇوُنرن کي چمڪائي ٿو.

پنسه وارن جـــا گهـــر روشن راڻن سان ۽ بلبلن سان،
رنگ برنگي راڻيون جرڪي جوت ورهائن جلون سان،
سرمائي سان ڀيڻو پنهنجي گهرجــــي سونهن وڌائي ٿـو.

هارين ۽ مزدورن جـــي گهر اونده رات جـــو آئي آ،
اونداهيءَ کان مسڪينن جي دلڙي ڏس گهٻرائـــي آ،
چنڊ غريبن جي گهر چمڪي تن جي دل وندرائـــي آ.

اڀ تـــي وڏي رات سموري راجـــا راڄ هلائي وارو،
وات ٻلين کي خاموشيءَ سان دير ڪٽي دک لائي وارو،
چـــور هجي يا ساڌ سڀن سان پنهنجي تـــوڙ نڀائي ٿو.

روئندا ٻالڪ ريجهائڻ لئه جرڪين ٿو ٻيو جـائي تـون،
هڪڙي مون کي ڀي ڏي ماما چنڊ ڀلا ڪا ڀاڳـي تون،
مامو چنڊ سڀن سان مـرڪي موهـي مست بنائـي ٿـو.

جيڪو ٻالڪ چنڊ جان جرڪي جڳ سڄو جرڪائيندو آ،
گـل! جيڏن ۾ هردم سوڌـي مـان مٿاهـون پـائيندو،
خلق سبب انسان بـرابـر عـزت عظمت پـائـي ٿـو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# " آس "

مـــولا مينهن وسائيندو شـــل،
ڌرتـــي بـــاغ بنائيندو شـــل.

بـــادل پرجـــي آيـــا آهـــن،
بـــرساتين جـــا سعيا آهـــن،
سارنـگ هـــي رنگ لايا آهـــن،
اڄ ٿيا سانـگ سڄايـــا آهـــن.

مـالڪ عـرض اگهائيندو شـل،
مـــولا مينهن وسائيندو شـــل.

ڪاٿي وڻن تـہ ڪاٿـي ساريون،
ڪاٿيڪرنگهہ تہ ڪاٿي جواريون،
سينڌ سنوارن ٿر جـــون ناريون،
مرد مڙي پيا ڪن چوپـــاريون.

خـــالق خير ڪرائيندو شـــل،
مـــولا مينهن وسائيـنـدو شـــل.

ٿر تـــي شـــل وسڪارو ٿيندو،
سبز وطـــن هـــي سارو ٿيـنـدو،
ڪـــائي مـــال متـــارو ٿيندو،
دشمن جـــو منهن ڪارو ٿيندو.

ريج ڪري رنـگ لائيندو شـــل،
مـــولا مينهن وسائيندو شـــل.

مـوسم مست ملهـــاري ٿيندي،
بـــاغـــن منجهہ بهـاري ٿيندي،
ڌرتـــي سرهـــي ســاري ٿيندي،
گل ڦـــل ۽ گلـــزاري ٿيندي،

داتـــا درد مٽـــائيـنـدو شـل،
مـــولا مينهن وسائيـنـدو شـل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ”برسات“

برساتن جي موسم آئي مولا مينهن وسايا،
اولهه توڙي اوڀر کان اڄ بادل ڀرجي آيا.

ڪارا ڀورا بادل آيا ديس وسڻ جا پائي،
ٺاري ٺاري ٿڌڪي ٿي اڄ گيت خوشيءَ جا ڳائي،
ڌرتي جو آ ھانءُ ٺريو پيو ٿيڙا سانگ سجايا.

ٻارو ٻوڙو بوند وسي ٿي وڻجي ڀٽ ڪي ٺاريون،
گرميءَ ۾ جي اڀريون آيون آراڀون سي ماريون،
گڏجي ڳايون گيت سڀئي مولا مينهن ملايا.

سارنگ سنيري آيو آھي ٿيندي ڌرتي ماڻي،
ڏور ڏڪر ٿي ويندو، ڏينھو وڻ وڻ پوءِ وڏائي،
موڏي مرندا ملڪ منجهان جن ڏيهه سڄا ڏهڪايا.

ھاري نـاري ھرڙا جوٽي ڌرتيءَ کي ھر ڏيندا،
هڪ هڪ ڏاڻي مان سَوَ داڻا ڍير انن جا ٿيندا،
ڪيچ ڪٽي مان ٿيندا جلدي ايندا سک جا سايا.

رم جهم رم جهم رات سڄي ٿيون برسن پيون برسانيون،
کنوڻيون ڀي ڪجڪارڪري ٿيون جهڙمان پاڻ جهاتيون،
ڳليءَ ڳليءَ ۾ ھير ٿڌي اڄ عنبر مشڪ ورھا يا.

پنهوارن جي پکڙن کي تو مينهن جو پاڻي ڌوئي،
ڏوڏا انين ٿمن ٿا چڻ ڪا ٻيو ٿي پئي روئي،
مسڪين جا ڦالل ڪپڙا پاڻيءَ اڄ پسايا.

رنگ برنگي اندلث ايري اوير ڪان ”گل“ آئي،
مينهن ٻم ھاڏي موڏي ويندو ٿيندي اڄ ڦڪرائي،
مالڪ جا لک ٿورا جنهن ھي رحمت ريج وسايا.

# ”چولن وارو“

چولن وارو آيو ٻارؤ! چولن وارو آيـــو،
چولا ڪاڻي چٽڻي وارا پنهنجي جان ٻڻايو.

لوڻ مرچ ڪٽ انبڙيءَ واري چٽڻي واه ٻڻاين،
ساوا ڏاڻا، لونگ ۽ ڦوڻا ان ۾ خـــوب ملاين،
ٻوڙي جلدي چولا ڪاڻي پنهنجو خون وڌايـو.

ساون مرچن وارا چـــولا چسڪي وارا آهن،
ڏاڍا چهرا ڪتڙا ڪتڙا چـــولا پيارا آهـــن،
ڀاڻ تہ ڪاڏو چـــولا ٻارو ڀين کي پڻ ڪارايو.

ٻا سر گڏڙي ناصر زلفي سعيده چـــولا ڪاڏو،
سپي، گگلو، برفـــي پيڙا وسري وہندو ماڏـو،
سنڌي گھہ ۾ چولن کي مون آهي خود پچايو.

آڌيءَ وارو پيالو ڪاڻي پنهنجو پيٽ ڀريندؤ،
هيڪر چـــولا ڪاڻي ٻارو ڀيهر موٽـي ايندؤ،
قسمت سان هي چولن وارو آهہ توهان وٽ آيو.

چولن ڪاڻي ڪان پوءِ ٻارو پڙهجو ويهي پيارا،
علم پرائي ”گل“ جان خوشبوءِ ديس کي ڏيو دلدارا،
ديس اوهان جو آهي پيارا سنڌ سڄي سرمايـو.

# " پالش وارو "

پالش وارو آهيان ڪاڪا پالش وارو آهيان،
نديڙن هٿڙن سان ٿو ويٺو بوٽ وڏا چمڪايان.

آهه "بلاسم چيري" واري پالش ڏاڍي پياري،
"ڪي وي" پڻ آ بيشڪ جڳ ۾ پنهنجي نالي واري،
جيڪا چئو مان سائي پالش بوٽن کي ته لڳايان.

پهريان صاف ڪريان مان جوتا پالش پوءِ هڻان ٿو،
نازڪ برش کڻي پوءِ ان کي رڳڙو ڏئي رڳڙيان ٿو،
آخر ۾ ڪپڙي سان مهٽي ان کي من ٺاهيان.

جيڪو منهنجي محنت ڏسندو راضي مون تي ٿيندو،
آڌي هڪ جي بدران مون کي روڪ رپيو سو ڏيندو،
ڏاڍي محنت سان ٿو مان پڻ جوتن کي جرڪايان.

بابو منهنجو چرس چڪي ٿو آهي مڙس موالي،
بيماريءَ ۾ ڪنگهندي ڪنگهندي ڪيسا ٿي ويس خالي،
سارو ڏينهن ڪمائي ٿو مان گهرجو خرچ هلايان.

صبح جو ساجهر ويندو آهيان مڪتب ڏي روزانو،
علم وڏي آ دولت پيارو آهي خوب خزانو،
علم پرائڻ خاطر هر دم ويٺو درد پرايان.

هرهڪ ٻالڪ جي لئه جڳ ۾ آهي علم ضروري،
آس اٿم هيءَ علم پڙهان مان آس ٿئي شل پوري،
گرميءَ سرديءَ ۾ محنت کان مور نه ٿو گهٻرايان.

پالش عيب نه آهي پيارو محنت آ مرداني،
محنت واري کي گهٽ سمجهڻ آه وڏي ناداني،
همت محنت ڪوشش سان "گل" منزل نيٺ ته پايان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ”هاري جو پٽ“

روز صبح جو اٿندو آهيان،
ٻاڪَرَ ساڻ منهن ڌوئندو آهيان.

هٿ منهن ڌوئي صاف ڪري پوءِ،
چولي ساڻ منهن اگهندو آهيان.

ميرن ڦاٽل ڪپڙن ۾ ماڻ،
سردي هوندي ڏڪندو آهيان.

ٻاروٽو پٽ ڏڌ جو چڪڙو،
آءٌ امڙ کان گهرندو آهيان.

ماني ڪائي جلدي جلدي،
ڪم پنهنجي کي لڳندو آهيان.

ماني جي ڳنڍ ڏڌ جو لوٽو،
بابي جي لئه کڻندو آهيان.

ٽڙي ڌرتي پير اگهاڙا،
روز ٻنيءَ تي هلندو آهيان.

بابي ساڻ گڏ آءٌ ٻه ڳڏجي،
هر ٻنيءَ تي وهندو آهيان.

ٻار وڃن اسڪول پڙهڻ جا،
آءٌ تن ويٺو ڏسندو آهيان.

# ٻارن جو سال ١٩٧٩ع

ٻـــارن جـو هي سال چون ٿا،
ٻـــارن جو ٿـــا سال ملهايـون.

ڪـــارا ڪـارا ڪپ ۾ وهنتل،
منجهر ڪپ تـــي ڪوجها ٻـار،
ڪکين هاڻـــا حـــال جني جـا،
واري هـــاڻـــا ڪن جـــا وار،
پاڻي ۾ ٿـــا ٽڙڪـن وينا - سرديءَ ۾ ٿـــا ٿـڙڪن وينا،
ڇا هي سال انهن جو ٻي آ - جيڪو سال ملهايون ٿـا پيا.

پنهنجي ڏيـــري ٻانهه ڏگهيڙي،
واڻهڙن کـــان خير گهرن ٿـــا،
ڦٽ پـاڻن تـــي ننڍڙا ڇوڪر،
پيٽ ٻکئي جـــي ڪاڻ رڙن ٿا،
سارو ڏينهن سڙن ٿا وينا - ڪاڙهي منجهه ڪڙهن ٿا وينا،
ڇا هي سال آنهن جو ٻي آ - جيڪو سال ملهايون ٿـا پيا.

ڇوُ واڻـــي تـــي ننڍڙا ٻالڪ،
ايندڙ مـــوٽر ڏي ڊوڙن ٿـــا،
اڳـيـــان وارو شيشو جيڪـي،
پنهنجي ڪپڙن ساڻ اگهن ٿـــا،
ڪوئي تن کي خرچي ڏئي ٿو - ڪوئي تن کي ڇڙٻي ڏئي ٿو،
ڇا هي سال انهن جـو ٻي آ - جيڪو سال ملهايون ٿا پيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ” اٺو پيا جا ٻار “

” اٺو پيا “ جا ٻار نماڻا،
مانيءَ جي لئه سي ويڳاڻا،
سڏڪي مانيءَ پور گهرن ٿا!
پيٽ ٻڪئي جي لئه تڙڦن ٿا. !!
ٻڪ جو ديو انهن جو سارو،
سرڪي، سرڪي،
رت چوسي ويو!
ڪونه ملي ڪا ممتا تن کي،
کير ٻنا مائن جون،
ڇاتيون،
سارهون آهن ڇچڙا ٿي ويون،!
پيئر ٻڪ مان ماندا ماڻدا،
کهڙو پيار،
ٻچن کي ڏيندا.؟
نوٽ ڇپڻ سان،
ڇمندا ڪنهن کي؟

” اٺو پيا “ جي رستن تي سؤ
ننڍڙا ننگا لاش رلن ٿا،
اپ ڏي پنهنجا نيڻ کڻي،
چڻ ” پالڻهار “ کان،
ڏوهه پڇن ٿا!
ٻاڪڙ ڏسن ٿا !!
پنهن جا ننڍڙا هٿڙا ڪولي،
مانيءَ پورو چڻ ته گهرن ٿا،

ماءُ جي ڪوسي گود گهرن ٿا !
بابا جو سي پيار گهرن ٿا !!
ڪير انهن کي ڳل
لائيندو ؟
لاش اگهاڙا ڪفنائيندو ! ؟
معصومن کي دفنائيندو ؟!!
اٿوپيا جا ٻار نماڻا !!
مانيءَ جي لاءِ سي ويڳاڻا !!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ”چنڊ چانورن جي ماني“

ٻڪيو ٻار چنڊ کي ڏسي چلولو ٿي،
چوي ٿو ٻيو ماڻ پنهنجي پڪاري،
امان او امان ڏس ته هو،
آسمان تي،
فرشتن ڇڏي آهه ماني ٻيهاري،
اها ”چانورن جي پڪل سوڪ ماني،“
ڏسي ٻک ويتر امڙ تي ستائي،
امڙ جود (جلد) ڪرتون،
وٺي آءُ ڪنهن ڪان وچي ٻوڙ پائي،
ڪا ڏاڪڻ ته ان تي چڙهي ہوء،
اچان، چانورن جي اها مانڙي،
مان ته لاهي.
ٻڪايل اديءَ ساڻ گڏ آءُ ويهي،
اها چانورن جي پڪل سوڪ ماني
رکي ٿي، ٻنا ٻوڙ جي ٿي،
ٿو کاوان،
گهڙيءَ لاءِ دوزخ اندر جو اجهايان،
ڏسي چلولو لعل پنهنجي کي ٻک ۾،
دکي ماءُ دک جي
ڏيڻ ۾ لهي وٺي،
اکيي پنهنجا ڳوڙها ۽ سڏڪا لڪائي،
چوي ٿي
منا پٽ! ”ڪتي آه ماني؟“
چريا پٽ!!
”اهو چنڊ آهي!
اهو چنڊ آهي!!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پـــولـيـو

ﭘوليو ڪيڏو ظالم آن تون- !!
توکي قياس،
ذري ﭘي ناهي! تنهنجي دل ڪا ! ﭘٿر آهي!!
ننڍڙا ٻالڪ،
نازڪ گلڙا،
ٻاه ڏئي تو ساڙين ويٺو،
لعلن کي تہ لتاڙين ويٺو،
سهڻا گلڙن جهڙا ٻالڪ،
تن کي تون لاچار ڪرين ٿو،
مکڙيون لامن کان تو ٽوڙين،
ٻارن جي نازڪ چنگهڙن جو،
رت نپوڙين،
خوني دل کي خوش ڪرين ٿو،
ڪيڏو تون ڏس پاپ ڪرين ٿو،
لولا لنگڙا،
ننڍڙا ٻالڪ تنهن جي ظلم جو زخم،
کڻي هن ڌرتيءَ تي،
ٿا ريڙهيون پائن.
تنهنجا ڳڻ ڏس ويٺا ڳائن.
ﭘوليو ظالم! ﭘوليو ظالم!!
ﭘوليو ڪيڏو ظالم آهي-!!
ﭘوليو ڪيڏو ظالم آهي-!!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ”مجبوري“

جهڙو چوڪر رستي ۾ ڏس - رلندي رڙهيون پائي ويٺو،
ايندي ويندي جي اکيان سو - ٻالڪ تنهن ٻاڏائي ويٺو.

”ڪهل ڪيو ڪا مون تي ڪاڪا،
گهر منهنجي ۾ آهن فاڪا،
پيٽ بکيو ۽ انگ اگهاڙو،
ورنايو هي منهنجا واڪا“

هرهڪ واٽهڙوءَ جي هٿ ڏي - وهچارو واجهائي ويٺو،
ايندي ويندي جي اکيان سو - ٻالڪ تنهن ٻاڏائي ويٺو.

”مل جي مالڪ ڪيڏيون هوليون،
مزدورن تي چوڙيون گوليون،
بابو بدمعاشن مارايو،
رهزن ساريون راهون روليون،“

آب اکين ۾ آڻي اڏڙو - پنهنجا سور سڻائي ويٺو،
ايندي ويندي جي اکيان سو - ٻالڪ تنهن ٻاڏائي ويٺو.

”ماءُ ڪراڙي دردن ماري،
موت ڪنولي تي ويچاري،
ڪير دوا لئه دولت آڻي،
ڪونهي ڪا هڪ ڪوڏي ڪاري.“

درد ڀريو هي دل جو دفتر - دنيا سان دهرائي ويٺو،
ايندي ويندي جي اکيان سو - ٻالڪ تنهن ٻاڏائي ويٺو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڪاڙهي موٽر وارا سائين،
مون تي جيڪر ٻال ٻلائين،
پنهنجن ننڍڙن ٻچڙن صدقي،
انگ اگهاڙو جي اوڍائين."

ننڍڙا هٿڙا نينگر جوڙي - لوڪ اڳيان ليلائي ويٺو،
ايندي ويندي جي اڳيان سو - ٻالڪ ٿو ٻاڏائي ويٺو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# "اُس ۽ ڇانوَ"

هڪڙو ٻالڪ روئي ويٺو،
ڳوڙهن سان منهن ڌوئي ويٺو.

ڦٽ پاٿن تي هٿ ڏکيڙي،
ايندي ويندي ڏي واجهائي،
هڪڙي ڏهه پئسيءَ جي خاطر،
ٻالڪ ويٺو ٿو ٻاڏائي،
ڳوڙها ڳاڙي پنهنجي منهن تي،
موتين ميڻهن وسائي ويٺو.
ٻارو هي ڀي ٻالڪ آهي - ٻارو هي ڀي ٻالڪ آهي.

هڪڙو ٻالڪ مرڪي ويٺو،
واڪر ڏني ٿو مرڪي ويٺو،
ننڍڙا ننڍڙا پير ڏکيڙي،
واڪر ڪي هو ويٺو سوري،
سونن جهاڳن واريون پنهنجون،
ننڍڙيون ڇنگهڙيون ويٺو لوڏي،
پنهنجن منڙن ڏهڪن سان هو،
مرڪي من ٻهلائي ويٺو.
ٻارو هي ڀي ٻالڪ آهي - ٻارو هي ڀي ٻالڪ آهي.

*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ” ٺمونءَ جو خواب “

ٺمون شرارتيءَ جــــو احوال ٿــو ٻڌايـــان،
ٻارو اوهان کي ان جي هڪ ڳالهه ٿو ٻڌايان.

هڪ ڏينهن راند ڪيڏڻ ٺمون ويـــو شهر ڏي،
ٿي رات وئي مگر هو موٽيو نہ پنهنجي گهر ڏي.

ٿيو ان جـــي مائٽن کي پـــوءِ انتظار ڏاڍو،
بابـــو سندس بہ ٿـــي ويو بس بيقرار ڏاڍو.

مائس بـــہ روئي روئي ٻچڙو ڪري پڪاريو،
نانـــي سفـــور خـــاتونءَ پڻ ڏوهٽو سنڀاريو.

پـــائس بـــہ ڪيس ڳولهيو ڏاڍو وڃـــي شهر ۾،
پـــرڪٿ ڪو ٺمڻ ٿـــي آيس ڪٿي نظـــر ۾.

ٺمون گهمڻ ڦرڻ ۾ مصروف ٿـــي ويو هـــو،
گهر گهاٽ تنهن ٺئر کان وسري صفا ويو هو.

رانـــديڪـــڙن جـــو هٽڙو بـــازار ۾ ڏٺـــائيـــن،
رانـــديڪڙن وٺڻ جـــو ويچار پـــوءِ ڪيائين.

اٺ، شينهن، ڪانءُ، جهرڪي، ڏاندن ڀلن جو جوڙو،
تن مان خريد ڪيو هن جادوءَ جو هڪڙو گهوڙو.

آڏي پـــري ٿيو هـــو گهـــوڙي سوار جلـــدي،
چـــابڪ ڏئي چـــڙهي ٿيو نڪڙو تيـــار جلدي.

واڳـــن کي ساه آئـــي گهوڙو مٿي آڏائـــو،
رفتار کـــي ڏسي پـــوءِ ويچـــارڙو ڪمائـــو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ منٽ ۾ اڏامي گهوڙو رهيو هوا ۾،
ٻاڏو ٽمڻ کي ڏاڍا آيا پکهر فضا ۾.

هڻڪار سان هوا ۾ گهوڙي ڏنو جو جهٽڪو،
ادڙي ٽموڻءَ هوا مان ڌرتيءَ مٿان ڪيو ٻٽڪو.

ٽموڻءَ شرارتيءَ پوءِ ٻوڪڙ ڪري رنو ڏي،
هڏ گڏ غريب جو چڻ سڀ سور سان چنو ٿي.

اڪڙي ڪلهي ويس ۾ هو جو ڏسي سنهاري،
هنڌ جي مٿان ڏٺائين پوءِ ٻاڻ کي نهاري.

دانهن ڏي آيا ڊوڙي گهر جا سڀئي ڀاتي،
هرهڪ ڪڍي ٽموڻءَ کي گهيراڳڙي پوءِ ڀاتي.

ٻارو نه آ حقيقت آهي هي خواب سيارو،
ٽموڻءَ شرير ڪلهه ڪيو هو ننڊ ۾ نظارو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# " راڻي باغ جو سير "

هلي ٻــار اڄ " باغ راڻي " ڏسون،
پکـــي، جـــانور جوءِ ان ۾ پسون.

ڏسو ڀـولـڙا ٿـا نـچـن ۽ ڪـڏن،
اوهان سان ملڻ جي هو ڪوشش ٿا ڪن.

شـرارت جـا پتـلا اٿــو ڀـولـڙا،
گهـرن ٿـا اوهـان ڪـان مٺا ڏـولڙا.

ٻبـر شيـر پڃـري ۾ ويـٺـا اٿـو،
ٻچـا تـن جـا پر منجهه ويٺـا اٿـو.

ڏسو هـو هرڻـان رڃ رڙي ٿـو پيو،
رڙي پنهنجـا ساٿــي سڏي ٿـو پيو.

نـهـاري ڏسـو ٻـار هـوڏي ذرا،
پـٽـن سان ٻـيٺـو اٿــو زيـبـرا.

وري هـن طـرف ڏي نهـاري ڏسو،
توهان ڪـي ٿـي ڪويل پڪاري ڏسو.

پکين واري پڃـري ڏي هـاڻي هلـو،
انهن ڪان ٻــ احـوال پيـارا پڇـو.

نـگاهن سان هـوڏي ڪيو هڪ نهار،
گهـن ٿيون ڪري ڪيئن هرڻيون قطار.

بنگالي مٺو ٻول ٻولن پيا،
اوهان سان اهي حال اورن پيا.

ڏسو مور مرڪي پيو ٿو هلي،
وري ڍيل نازن سان پيئي ٽلي.

گهميا سين ڪهڙو هاڻ ساهي پٽيو،
ويهي باغ ۾ هاڻ ڪاڏو پيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ” ڀٽائـــي “

هلو يار هاڻي گهمڻ تــا هلون،
ڀٽائي جــو روضو ڏسڻ ٿـا هلون.

ڀٽائي تہ سنڌڙيءَ جــي سرهاڻ آ،
ڀٽائــي سچائــي سنڌي ڪــاڻ آ.

ڀٽائــي وطن جــو آ شاعر سچــو،
ڀٽائيءَ چيو ”سچ پاسي اچــو“.

سچــو هــر ڀٽائي جــو فرمان آ،
رسالــو ڀٽائــيءَ جــو قرآن آ.

ڀٽائي جــي ڀٽ آه سهڻي سجي،
ڏسي جنهن کي جنت ٿئي ٿي لڄي.

ڀٽائي جــو هــر بيت شهڪار آ،
ڀٽائــي امــر لــوڪ فنڪــار آ،

وطن ۾ ٿئي ڪونہ ڪوئي ڏڪر،
هجي سنڌ ۾ شل سدائي سڪر.

ڏکيو ڏيهہ ۾ ڪونـہ ڏيهي هجي،
سدا مينهن مرڪن سنڌو پيو وسي.

ڏڪاري ٿين ڏيهہ مان سڀ فنــا،
ڏسان ڪين ڪڏهين مان جهانگي جهنا.

ڀٽائي وطن کــي دعا ٿو ڪري،
سنڌس ٿي سهاري ٿو ڀڙو ڌري.

ڀري جهول ”گل“ ٿو ورهائي پيو،
سچا ٻــول سائين ٻڌائــي پيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# "لاڙڪاڻي جو سير"

لاڙڪاڻي ڏا هلون ٻارو گهمڻ،
رنگ قدرت جا عجب جهڙا ڏسڻ.

لاڙڪاڻو ڪونجي ٿو اڄ مگر،
وقت ماضيءَ ۾ هيو سو چانڊڪو،
لاڙڪن ۽ چانڊين جون ذاتيون،
هت هيون آبـــاد منهنجا دوستو،

پوءِ ٻيون قومون هتي آيون رهڻ،
لاڙڪاڻو ڏـا هلون ٻارو گهمڻ.

لاڙڪاڻو آ منڊي واپار جـــي،
هت وڏو واپـار ٿيندو ٿو رهي،
مال، ان، سبزي، لٽو، ميوو هتي،
ٻاهران ايندو ۽ ويندو ٿو رهـــي،

ڪوڙ تاجر ڏا اچـن سودا ڪرڻ،
لاڙڪاڻو ڏـا هلون ٻارو گهمڻ.

لاڙڪاڻـــي ۾ عجب باغات آ،
آ فضا هتڙي سدائي ٻـــر بهـار،
جي هٿا اڪ ۾ "نجر" ۽ "گيان باغ"،
اڄ اهي سڏجن "جناح" ۽ "ذوالفقار"،

ڪوڙ ٻونٽرا ڏـا اچن گلڙا چمڻ،
لاڙڪاڻو ڏـــا هلون ٻارو گهمڻ.

آهه "سيٺو" جي ۽ "جيلس" جي بزار،
ڏـــو هلي واپار هتڙي صبح شـام،

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ٻيون به بازاريون عجب جهڙيون هتي،
رونقون جن جون ڏسي ٿو خاص و عام،

ٻـــاڻ ٻي هلبو سي بازاريون گهمڻ،
لاڙڪاڻو ٿـــا هلون ٻـــارو گهمڻ.

هو ڏسو ”سٽيڪارنو جو يادگار“
دور کان پنهنجون ڏسي ٿو عظمتون،
ساڻ ان جـــي هي ڏسو ”المرتضيٰ“
ڪنهن زماني ۾ هيون هت رونقون،

ڪيتريون هستيون هتي آيون جهڪڻ،
لاڙڪاڻـــو ٿا هلون ٻـــارو گهمڻ.

نئينڪ واري چوڪ کان ٻارو لڙي،
”مصطفيٰ پاشا“ جو ٽاور ٿا ڏسون،
باقراڻي روڊ کـــان پيادل هلـــي،
چـــوڪ پاڪستان وارو ٿا گهمون،

واپسيءَ ۾ ٿـــا هلون ”رائل“ ڏسڻ،
لاڙڪاڻو ٿـــا هلون ٻـارو گهمڻ.

”چانڊڪا“ نالـــي وڏو ڪاليج آ،
ڊاڪٽر جنهن ۾ پـڙهن ٿا نوجوان،
عامَ ۽ اخـلاق سان سينگار جـــي،
ملڪ جي خدمت ڪندا سي بي گمان،

ٻيا بــــه ٻالڪ ڪيترا ايندا پـڙهڻ،
لاڙڪاڻو ٿـــا هلون ٻـارو گهمڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واهــوا نـاڻــي ٻنا اڄ ٻــارڙا،
لاڙڪاڻــو ساھ سيباڻــو گھميـا،
منٿ ۾ ”گل“ سير ٿيو سنسار جو،
مفت ۾ ٻــالڪ گھمي گھر موٽيا،

هـــاڻ آرامي ٿيـــو ٻنهنجا سڄڻ،
لاڙڪاڻو ٿـــا هلون ٻـــ ،زو گھمڻ.

★

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# "سکر"

اچو تہ ٻارو آءُ اوهان کي سکر جـــو شهر گهمايان،
چند گهڙين ۾ خيالي گهوڙي تـــي تو سير ڪرايان.

ٻارو هـــيءُ سکر آ پيارا شهر سچو آ پيارو،
معصومي موناري جـــو آ وڻندڙ واه نظارو.

هيءُ سکر بئراج ڏسو تا ڇا هٿ ونـــگڙن واري،
لينسڊائون پل پــــي آهي وڻندڙ واه پياري.

اڌ گولي پل لوهن نوڙن سان ٻڌل ٿي ڏسجي،
لب- مهراڻ ڪان سنڌو ندي واه عجب ٿي پسجي.

وچ درياه ۾ موڌي ڏسجو سادو ساڌ جو ٻيلو،
جون مهيني ۾ لڳندو آ ٻـــارو هتڙي ميلو.

مسجد منزل گاه به آهي آن جـــي سونه سراسر،
تاريخي پس منظر ۾ آ ان جـــي ڳالهه برابر.

آدم شاه جي ٽڪري پي ٿي ڏورئون ڏيک ڏسائي،
تـــاريخي اهڃاڻ برابــــر پنهنجو پاڻ پسائـــي.

جيئي شاه بخاريءَ جو هو سادو گنبذ ڏسجو،
نوري نور نظارو نرمل ٻـــاڻ هلي هت پسجو.

بسڪولن جي آهي هتڙي مل وڏي هڪ ٻارو،
جنهن جي تازن بسڪولن کي کائي ٿو جڳ سارو.

ڪيئي شاعر ليکڪ هتڙي پيدا ٿيا هن جائي،
تن مان هڪ تاريخ نويس هو شان پريو "شيدائي."

ٻيا ٻـي ماڻڪ موتـي آهـن ڏات ڌڻي هٿ ڏاهـا،
جـن جـي لکڻين ساڻ اڄـي ويـا ويريـن کـي راڻاهـا.

"شيخ اياز"، "فتاح ملڪ"، ۽ "راز"، "ادل"، "گل"، آهي،
جيڪي علمي ادبـي خدمت ڪن ٿـا سندرا ساهـي.

آ "رشيـد ڀٽي" ٻـي هتڙي شهر سکـر ۾ پيـارو،
سنڌي ادبـي سنگت جـو هو سيڪريٽري اڳـ ٻارو.

ڪين ٻريـو سون پٽسو ڏوڪڙ مفت ڳهميـاسون ڀـارو،
شهر سکـر جـو سير اوهـان کـي "گل" ڪرايـو سارو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# " سيوهڻ "

سيوهڻ شهر گهمڻ لءِ ٿيو تيار ٻـار جلدي،
خـيالـي جهاز تي ٿيو منٽ۾ سوار جلدي.

داتا جـي آهه نگري، شهباز جـو شهر آ،
سيوهڻ شهر تي وسندو رحمت سندو ڪڪر آ.

سيوهڻ شهر جـي آهي قسمت ڏسو نرالـي،
هن ڳوٺ کـي ڏني آ شهباز لال لالـي.

اوچو علم ٻري ڪـان جهلڪار آهي ڏيندو،
شهباز جـي ڪرامت آ ڏور کـان ڏسيندو.

هوڏي ڏسو مهڙ ۾ در سون جـو لـڳل آ،
ڪنهن نيڪ دل جو نالو ان در تي اڪريل آ.

خاموش آهه ليڪن در تـو ڏسي ڪهاڻـي،
ڪلهه جي سا ڳالهه آهي تي ڪانه آ پراڻي.

سر مست " سيد علي " آ شهباز جو منسٽر،
هـن مست جـي قبر آ دروازي جـي برابر.

پهريون، وزير جي تا پارو ڪريون زيـارت،
پوءِ بـادشاه ڏي تـا ڪريون هلڻ جي همت.

" عـالم چـنـو " بـه آهـي درگـاه جـو مجاور،
ساري جـهـان ۾ آ انسان هـي قـداور.

سيوهڻ شهر جو آهي انسان هي نرالو،
دنيا سڄي ۾ آهي مشهور جنهن جو نالو.

سادن اتن فوٽن کان "عالم چنو" ڏکيو آ،
آ جيترو قداور ايڏو وري سگهو آ.

هت "بودلي سڪندر" جي پڻ مزار آهي،
شهباز لال جو هي خدمت گذار آهي.

هوڏي "جمن جتيءَ" جي آهي قبر پيارا،
جنهن جي قبي جا آهن اڏ کان ڊٿل منارا.

هن مقبري جي پرسان آ ڍنڍ جو نظارو،
نالو "ارل" وٺن ٿا هن ڍنڍ جو پيارو.

"دودو فقير" آهي جنهن جو لقب "حقاني"،
حاصل هئي انهيءَ کي مرشد جي مهرباني.

"دودو" "جمن" ٻيا هي "سرمست" ۽ "سڪندر"،
چئني ڄڻن تي راضي شهباز هو قلندر.

شهباز لال جا هي چارئي وزير آهن،
مشهور ملڪ اندر تن جا نظير آهن.

هاڻي هلي گهمون ٿا هو "لال باغ" ٻارو،
آهي ڪرامتن جو جاتي عجب نظارو.

هو "چوٽڻيي" پري کان ٻارو نظر اچي ٿي،
تاريخ جي ڪهاڻي سا ڏور کان ڏسي ٿي.

"چرپٽ" هيو هتي ۽ هتڙي "هنود" ٻارو،
تن جي ستم کان ٿيو هو مجبور شهر سارو.

”شهباز“ جـــي دعا سان ظالم تباهه ٿي ويا،
رحمت سندا ڪڪر پوءِ هن ديس تي وسي ويا.

آبــاديون ٿيون ۽ سهڻا ٿيـا نظــارا،
هــر هنڌ ڳــونججي ويا شهباز جـا نظارا.

سنڌڙيءَ جي سونهن آهي سيوهڻ جو شهر پيارا،
هــن پونءَ جـا سلامي آهن سدا ستــارا.

ٻئسي پرڻ سواءِ اڄ سيوهڻ گهمياسون ٻــارو،
مقصود ”گل“ گهري ٿو ڪيڏو اوهان کي پيارو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## " ستارا "

هي نونهال ننڍڙا، هي چمڪندڙ ستارا،
اڳتي هلي سي ٿيندا هن ديس جا سهارا،
تعليم ۽ هنر سان سينگارجي جو ايندا،
ٿيندا پوء هن زمين تي جنت سندا نظارا.

## " امانت "

شاگرد قوم جي آ هڪ قيمتي امانت،
واجب اسان تي آهي ان جي ڪرڻ حفاظت،
هن ديس جا محافظ معمار ٿي سي ايندا،
هر بيقرار دل جو بڻجي قرار ايندا.

## " ننڍڙا "

هي ننڍڙا ننڍڙا ٻار اسان جي قوم سندا معمار اٿو،
پيارا گل هي گلشن جا سيني جي ڪلي جا هار اٿو،
سي خوشبوء ڪوڙ ڪنديرينداء واس وطن ڪي سي ڏيندا،
هر دل جا دلبر دل وارا هي ملڪ سندا معمار اٿو.

## " سچ "

سدا شان سڀ جو وڏائي ته سچ،
وڏي مرتبي تي رسائي ته سچ،
اهو ٻار سڀ کي لڳي ٿو پيارو،
جو سڀ کي سدائين ٻڌائي ٿو سچ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[ ٥٩ ]

# "محنت"

محنت ڪري ٿو جيڪو سو ڪامياب ٿيندو،
علم و ادب پڙهائي سو آفتاب ٿيندو،
سستي ڪندو جو ٻارو اسڪول ڪين ويندو،
اڳتي هلي دنيا ۾ ڏاڍو خراب ٿيندو.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

★ لوڪ ڪهاڻي ★

# "پرِيم پري ۽ ڪاڻو ديوُ"

هڪڙي لوڪ ڪهاڻي پيارو ٻڌجو اڄ ڪن لائي،
آءٌ اوهان کي وندرائيندس هاڻي ڳالهه ٻڌائي.

هڪڙو "ڪاڻو ديوُ" هيو ڪنهن ديو نگر جو واسي،
پريم پريءَ کي ڪڙي ظالم ديو بڻايو داسي.

پريم پري هئي نازڪ نينڍڙي سندر ڏاڍي سهڻي،
سونن وارن واري پياري، وڻندڙ ۽ من مهڻي.

"ڪاڻي ديوُ" جي قيدڻ بڻجي پريم پري جو آئي،
ويچاري مجبور بڻي ۽ گوندر ۾ گهبرائي.

سڏڪي سڏڪي ڏينهن ڪٽي ۽ رات گذاري روئي،
"پريم پريءَ" جي واهر وارو ڪونه هيو هت ڪوئي.

تهه خاني ۾ قيد ڪري راڪاس آڏامي ويندو هو،
آدم ذات جا ٻچڙا زوريءَ ديوَ کڻي هت ايندو هو.

ننڍڙن ٻارن کي ماري پوءِ تن جو ماس پڇيندو هو،
ڏاڍي ٻچڙا ننڍڙا کائي پنهنجو پيٽ ڀريندو هو.

ماڻن جون سوَ جهوليون خالي ڪاڻي ديوَ ڪيون هون،
ممتائون سوَ سڏڪي سڏڪي ڪيئي هت ميون هون.

"آدم زادن" گڏجي سوچيو ديوُ هٽي ٿو ڏاڍو،
ڪاڻي ديوُ ڪيا هن خالي ڪيئي پنهن جا پاڙا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيئي سوچيو ڪاڏي ڪـــي قتلام ڪيو اڄ ڳڏجي،
هڪ ٽـــي رهندا ڳوٺاڻن انجام ڪيو اڄ ڳڏجـي.

ڀـــالا ٻرڇيون تيز ڪري سڀ سنهري وڏا ساٿـي،
عهد ڪيائون مـــارينداسين "ظلم جو مکنو هاٿي".

هوشياريءَ سان هيڏي هوڏي جوڌا جنگ لڪي پيا،
" ڪاڏي ديو " جي راه نهاري تن جا نيڻ ٽڪي پيا.

آڌيءَ رات فضا ۾ هلڪو ڇڻ طوفان مچي ويـــو،
سيئي سوچي سنهري ٻيڻا " ڪاڻو ديوُ " اچي ويـو.

ٿوري دير ڪان پوءِ اچي راڪاس لٿو هت جائـــي،
سيئي ڳڏجـــي ڀالا کوڙيس دير نـــہ ڪيائون ڪائي.

حملي تيڻ سان هوش هليا ويس زخمي ٿي پيو ظالم،
پوءِ فضا ۾ راڙيون گونجيون هيٺ ڪري پيو ظالم.

" ڪاڻو ديوُ "پڇي ويو واپس جلدي پنهنجي ديري،
سيئي جوان پنيان پيا ڪاهي "ڪاڏي" جي واهيري.

تهہ خاني جي درتي پهچي "ڪاڻو ديوُ" ڪري پيو،
ازڏن انسانن جـــو هاڻي وارو ڇڻ تـــہ وري پيو.

ڀالن ٻرڇين سنگينن سان " ڪاڻو ديؤ " ڪٺائـون،
ابهم انسانن جـــو ويـري ماري مات ڪيائـــون.

ڦٽڪي ڦٽڪي نيٺ ،مري ويـــو ظلم ستم جو باني،
پوءِ خوشيءَ جي جلوي سان پئي پهڪي هر پيشاني.

تهہ خانـــي مان روئـــڻ جو آواز ٻـــڌڻ ۾ آيـــو،
جنگ جوانن جـــو من ٿوري دير جي لئہ گهبرايو.

چند مجاهد تهه خانــي ۾ هيٺ لهي پــوءِ آيــا،
تهه خاني جي ڪوٺيءَ جا تن ڪلف ڪڙا ڪيرايا.

”پريم پري“ هڪ ڪنڊ ۾ ويٺل هيٺي حال ڏٺائون،
قرب محبت سان پوءِ تنهن کي چوري چپ ڇپائون.

”ڪاڻو ديؤ“ ڪسي ويو آهي، تنهن جا بند ٽٽي ويا،
غم ڳوندر جـــا ڏينهن ڏهاڙا سارا هاڻ ڪٽي ويـــا.

”پريم پري“ احوال ٻڌي پوءِ گل جـان سانهه ٽـڙي
مرڪ جي مکڙي تنهن جي مک تي منٽن منجهه ڪڙي

”پريم پري“ آزاد ڪرائـــي جـــوڙا واپس موٽيا،
ڪيپ ڪٽي زنجير ڪٽائـــي جـــوڙا واپس موٽيـــا.

ڳـــوٺ سڄي ۾ سهرا ٻڌرا جيڏين ڳڏجـــي ڳـايا،
ڏالهه ڪٽيءَ جـــا سنڙا ٺاهي پــوڙهين پاڻ ورهايــا.

ڳوٺ سڄي ۾ ميلو ٿي ويو گهر گهر ۾ ٿــي شادي،
آزاديءَ جــي گيتن سان ٿــي گــونجي اڄ آبــادي.

هــرهڪ دل ۾ الفت جــا ”گل“ اپڙڻ وارا آهن،
ڏيهه سڄي ۾ گيت خــوشيءَ جا ٻــڌجڻ وارا آهــن.

قرب محبت الفت سان سڀ گــڏجي گهاريــو پارو،
ايڪي منجهه سمايــل آهــي راز بــقــا جــو سارو.

ڏيِ ڏمــر جــي پــاڙ پٽــڻ لئه ايڪو آهــي ضروري،
”ڪاڻي ديؤ ۽ پريم پريءَ“ جي ڳالهه ڪيانٽو پوري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ٻارن لاءِ هيستائين جيڪو ڪجهه به لکي ڏيو آهي
اُهو تمام گهٽ آهي — روايتي ۽ لوڪ ڪهاڻين
کان سواءِ ڪجهه ڪجهه ماڻهن مشڪل ئي به
لکي ڏيو آهي — جيڪو اڄ به ٻارن لاءِ
اُنهن ۾ سوچ ۽ مزاج ڏنا نه ڪونهي —
بس، انهن تي ٻارڙا ادب — جو سو
نيو لڳل هوندو آهي —
اهڙي حالت ۾ سمجهان ٿو ڪتني حد تائين
عجيب ٿي لڳي ته موجوده دور ۾ ٻي
هنن ادبي ڪارنامن ۾ پيل ملڪن ۾
سماجي، اقتصادي ۽ سياسي حالتن ۾
وڏي اٿل پٿل آئي آهي،
ٻارن جي ته سان اهڙي ئي رهي —
۽ انهن جي مزاج ۾
"ڏيڍ پير پيران" يا "ڦي ڦي سوٽ"
ته نه ڪنا وڌو نه پاس —
۽ انهن سڀئي حالت
نصابي ڪتابن ۾ آهي —

26.1.86

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

QAZI ABDUL HAYEE QAA'IL ACADEMY

سنڌڙي ڪتابي سلسلو، رتوديرو/ڪراچي

مقصُود گل اڪيڊمي، سنڌ

Maqsood Gul Academy, Sindh

مقصُود گل اکیڈمی، سندھ